# صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ذهانت

04-February-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

4 فيبروري 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ذهانت

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ!

- صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سان محبت ڪرڻ جون فضيلتون ۽ برڪتون
- صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ننڍپڻ ۾ ذهانت
- صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جا ذهانت تي مشتمل فيصلا
- ذهانت ۽ عقل مندي جون فضيلتون
- پنهنجي ذهانت پيدا ڪرڻ جا طريقا

پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ (دعوت اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# صديق اڪبر رضی اللہ عنہ جي ذهانت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## درود پاڪ جي فضيلت

**خليفه اَوّل، اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت ابو بڪر صديق** رضی اللہ عنہ **فرمائن ٿا: پاڻي جيترو جلدي باھ کي وسائي ڇڏيندو آهي، الله جي آخري نبي، رسولِ هاشِمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تي درود شريف پڙهڻ ان کان به وڌيڪ تيزي سان گُناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي ۽ نبي ڪريم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **تي سلام موڪلڻ غلام آزاد ڪرڻ کان اَفضَل آهي.** (تاريخِ بغداد، جلد:7، صفحه:172)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تَدْخُلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ يعني سُني نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي. (مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث: 6895)

**اي عاشقانِ رسول!** هر نيڪ ۽ جائز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪيو! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سٺيون نيتون ڪري وٺو، مثلاً: ❖ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس. ❖ اَدَب سان ويهندس. ❖ بيان ٻُڌي ان تي عمل جي ڪوشش ڪندُس. ❖ بيان جو جيترو حصو ياد رهيو، ٻين تائين پهچائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان جو موضوع آهي: **"صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ذهانت"** مسلمانن جا پهريان خليفه، عاشق رسول، عاشقِ اَڪبَر، اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ تمام وڏي رُتبي واري شخصيت آهن، الله پاڪ کين وڏا اَعليٰ وصف ۽ ڪمال عطا ڪيا هئا، سندن هڪ تمام اعليٰ وَصف آهي: ذهانت. اڄ اسان ان شآء الله! صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ذهانت بابت حڪايتون ٻڌڻ ۽ انهن مان دَرس حاصِل ڪرڻ جي سَعادت حاصِل ڪنداسين ۽ آخر ۾ حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان فيض ماڻي اسان پنهنجي اندر ذهانت جو وَصف ڪيئن پيدا ڪري سگهون ٿا؟ هن جا طريقا بہ سکنداسين.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## محبتِ صديق جي برڪت سان ڪلمو نصيب ٿيو

خادِمِ رسول، حضرت اَنَس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن هڪ يهودي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ وٽ حاضِر ٿي چيو: الله پاڪ جنهن حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام کي ڪلِيم بڻايو (جبل طور تي گهرائي انهن کي پنهنجو ڪلام

ٻُڌايو، اُنهن سان ڪلام ڪيو)، **ان سچي خدا جو قسم! اِنِّیْ لَاُحِبُّكَ اي ابو بڪر** (رَضِیَ اللہُ عَنْہ) **مان اوهان سان محبت ڪيان ٿو.**

**حضرت ابو بڪر صديق** رَضِیَ اللہُ عَنْہ **يهودي جي ڳالھ ٻُڌي ۽ ما شآءالله! ذهانت ڏسو! اسان جي منهن تي ڪو تعريف ڪري، اسان ڪان عقيدت جو اظهار ڪري، اسان جا هٿ چُمي تہ اسان آڪڙجي ويندا آهيون، پنهنجي پاڻ کي گهڻو ڪجھ سمجهڻ لڳندا آهيون، پر حضرت صديقِ اڪبر** رَضِیَ اللہُ عَنْہ **وڏائي نہ ڪئي، خود پسندي جو شِڪار نہ ٿيا تہ مان وڏو عزت دار آهيان، منهنجي وڏي واھ واھ آهي، منهنجو انداز، منهنجو ڪردار ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ويندو آهي وغيره، شيطان جي چالن ۾ نہ آيا، ۽ عِلم جي ڳالھ ڏسو! يهوديءَ الله جو قسم کنيو هو، حضرت صديق اَڪبَر** رَضِیَ اللہُ عَنْہ **الله پاڪ جي بابرڪت نالي جو اَدَب ڪندي يهودي کي ڪوڙو بہ نہ چيائون، بلڪ پنهنجو مٿو مُبَارَڪ جهڪائي ڇڏيو. ڇو جهڪايو؟ حضرت اَنس** رَضِیَ اللہُ عَنْہ **فرمائن ٿا:** تَهَاوُنًا بِالْيَهُوْدِ **يهودي کي نظر انداز ڪرڻ، ان کي ڪم تر ڪرڻ جي لاءِ. جڻ پاڻ ان کي ٻڌائڻ چاهيو ٿي تہ توهان مون سان محبت جي دعويٰ تہ ڪري رهيا آهيو پر منهنجي آقا** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ **سان محبت ڪري، ان جو ڪلمو پڙهي ان جي غلامي ۾ نٿا اچو؟ ياد رکو! ابو بڪر جو عقيدو آهي، جيڪو منهنجي آقا جو آهي، اهو منهنجو آهي، جيڪو اُن جو ناهي، منهنجو بہ ناهي.**

ہم کو ہے وہ پسند، جسے آئے تُو پسند | اپنا عزیز وہ ہے جسے تو عزیز ہے(1)

**پوءِ صديقِ اڪبر** رَضِیَ اللہُ عَنْہ **وڏائي نہ ڪيائون بلڪ مٿو جهڪائي ڇڏيو، هيڏانهن سندن مٿو جهڪايو، هوڏانهن جبريل امين** عَلَیْہِ السَّلَام **وحي کڻي دربارِ رسالت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: يارسول الله** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ**! الله پاڪ اوهان جي لاءِ سلام موڪليو آهي ۽ حڪم ڏنو آهي: اهو يهودي جنهن حضرت ابو بڪر**

---

1...ذوقِ نعت، صفحہ:126-

صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان محبت جو اِظهار ڪيو آهي، ان ڪي گهرايو ۽ خوشخبري ٻڌايو تہ ان جي دِل ۾ ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي محبت آهي، الله پاڪ ان محبت جي برڪت سان ان ڪي جهنّم جي ٻن 2 مصيبتن کان آزادي ڏيندو: (1): نہ ان جي پيرن ۾ ٻيڙيون وِڌيون وينديون. (2): نہ ڳچي ۾ زنجير وڌو ويندو.

پياري حُضُور، الله جي نور صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ يڪدم يهودي ڪي گهرايو ۽ الله جو پيغام ٻُڌايو، اهو پيغام ٻڌندي ئي يهودي جي دِل ۾ روشني چمڪي، خوش ٿي ان آسمان ڏانهن نِگاهہ ڪئي پڙهيو: اَشْهدُ اَن لَّا اِلٰه اِلَّا الله وَاَنَّكَ مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ الله حَقًّا مان شاهدي ڏيان ٿو: الله کان سِوا ڪو عِبَادت جي لائق ناهي ۽ اوهان محمد صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ الله جا سچا رسول آهيو.

الله! الله! ڪجهہ دير پهريان جيڪو يهودي هو، هاڻي ان جي زِندگي ۾ انقلاب اچي چڪو هو، پنهنجي آئنده زِندگي ان ڪي ڪيئن گذارڻي آهي؟ ان پنهنجي نيت جو اظهار ڪندي چيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! ان ذات جو قسم! جنهن اوهان ڪي سچو رسول بڻائي موڪليو آهي، مان زندگي ۾ ڪڏهن بہ ابوبڪر جي محبت پنهنجي دِل مان گهٽ ٿيڻ ڪونہ ڏيندس بلڪ ان ڪي وڌائيندو ئي رهندس.

غور ڪريو! هاڻي هو مسلمان آهي ۽ رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سامهون صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي محبت دِل ۾ رکڻ ۽ ان ڪي وڌائڻ جو قسم ڪڻي رهيو آهي، ان تي نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان ڪي چڙٻيو نہ، اهو نہ فرمايائون تہ هاڻي توهان مسلمان آهيو، هاڻي صِرف الله سان محبت ڪيو! هاڻي قرآن سان محبت ڪيو، هاڻي ڪلمو پڙهي چڪا آهيو، هاڻي ابوبڪر جي نہ بلڪ منهنجي محبت ضروري آهي، نہ، ائين نہ چيائون، بلڪ فرمايائون: هَنِيئًا، هَنِيئًا مبارڪ هجي! مبارڪ هجي! يعني توهان ڪي ابو بڪر جي محبت جي سڃاڻپ ٿي وئي، ان جي اهميت جي توهان ڪي خبر پئجي وئي، ان جي برڪت سان توهان ڪي ايمان

نصيب ٿي ويو، مبارڪ هجي. (رِيَاضُ النَضْرَه، حصّه اوّل، صفحه:178، حديث:475)

**اي عاشقانِ رسول!** اندازو ڪريو! حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡہ **جي محبت** ڪيتري بابرڪت آهي! هن محبت جي برڪت سان هڪ يهودي کي ڪلمو نصيب ٿيو. اسان کي بہ گهرجي تہ **اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت صديقِ اَڪبَر** رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جي محبت کي دِل ۾ وڌايون، اها محبت ايماني محبت آهي ۽ هر مسلمان جي لاءِ ضروري آهي. **جانِ ايمان، نبين جي سلطان** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **فرمايائون:** حُبُّ اَبِي بَكۡرٍ وَشُكۡرُه وَاجِبٌ عَلٰى اُمَّتِي يعني ابو بڪر سان محبت ڪرڻ، ان جو شڪريو ادا ڪرڻ منهنجي اُمت تي واجب آهي. (ڪنزالعُمَّال، ڪتابُ الفضائل، باب ذڪر صحابه، حصّه:11،جلد:6، صفحه:252، حديث:32590)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** حضرت صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنۡہ **جي محبت دِل** ۾ وڌايو! سندن سيرت پڙهو، سندن ڪردار کي پنهنجي زِندگي جو حصو بڻايو. ❖ صديقِ اڪبر جي مَحبَّت **برڪت واري** آهي ❖ صديقِ اڪبر جي محبت **الله پاڪ کي راضِي ڪرڻ جو ذريعو** آهي ❖ صديقِ اڪبر جي مَحبَّت **رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو قُرب ڏياريندي** آهي ❖ صديقِ اڪبر جي محبت **ايمان کي پختو ڪندي** آهي ❖ صديقِ اڪبر جي محبت **عشق رسول** ۾ **اِضَافو ڪندي** آهي ❖ صديقِ اڪبر سان مَحبَّت ڪرڻ **ملائڪن جو طريقو** آهي ❖ صديقِ اڪبر سان مَحبَّت ڪرڻ **صحابہ جو طريقو** آهي ❖ صديقِ اڪبر سان مَحبَّت ڪرڻ **اولياء جو طريقو** آهي ❖ صديقِ اڪبر سان مَحبَّت ڪرڻ **عالمن جو طريقو** آهي ❖ صديقِ اڪبر جي مَحبَّت **نيڪين تي اُڀاريندي** آهي ❖ صديقِ اڪبر جي مَحبَّت **گُنَاهن کان بچائيندي** آهي ❖صديقِ اڪبر جي مَحبَّت **جهنّم کان بچائيندي** آهي ❖ صديقِ اڪبر جي مَحبَّت **جنّت** ۾ **پهچائيندي** آهي رَضِیَ اللہُ عَنۡہ.

## جنتِ عَدن ۾ ڪير داخِل ٿيندو؟

حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنۡہ **کان روايت آهي، آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو:** جنهن رات ابو بڪر جي وِلادت ٿي هئي، ان رات الله

پاڪ جنّتِ عَدن (جيڪا سڀ کان اَفضَل جنّت آهي) ان کي مخاطب ڪندي فرمايو: مون کي منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! مان تو ۾ صِرف ان کي ئي داخل ڪندس جيڪو هن ٻار (يعني حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ) سان محبت ڪندو. (ميزانُ الاِعْتِدَال، جلد:1، صفحہ:260، حديث:466) اللّٰه پاڪ اسان سڀني کي خليفہ اَوَّل حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي بي پناهہ محبت نصيب فرمائي. اچو! گڏجي دُعا گهرون ٿا:

الٰہی! رحم فرما، خادمِ صدیقِ اکبر ہوں | تری رَحمت کے صدقے، واسطہ صدیقِ اکبر کا[1]

## صديقِ اڪبر جو مختصر تعارف

جانشينِ مصطفيٰ، خلفيہ اَوَّل، اَميرُ المُؤمِنِين حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو نالو مبارڪ عبداللّٰه آهي، ۽ سندن ڪُنيت ابوبڪر، ۽ سندن لقب صديق، عَتِيق آهي، سُبْحٰنَ اللّٰه! صِدِّيق جي معنيٰ آهي ”گهڻو سچ ڳالهائيندڙ“ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سدائين سچ ڳالهيندا هئا، ۽ عَتِيق جي معنيٰ آهي”آزاد“. سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي خوشخبري ڏيندي فرمايو: اَنْتَ عَتِيْقٌ مِّنَ النَّارِ يعني (اي ابو بڪر!) توهان جهنم جي باهہ کان آزاد آهيو. (معجمِ ڪبير، جلد:1، صفحہ:20، حديث:)

حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو تعلق قبيلۂ قريش سان آهي ۽ ستين پيڙهي ۾ سندن جو نسب رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خانداني شجري سان وڃي ملي ٿو، آزاد مردن ۾ سڀ کان پهرين صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ اسلام قبول ڪيو، ماشآء اللّٰه! سندن فضائل و ڪمالات جي ڇا ڳالهہ ڪجي! اَنبِيَاءِ ڪِرام عَلَیۡہِمُ السَّلَام ڪانپوءِ اڳين پوين سڀني انسانن ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ آهن، صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ تمام غزوات ۾ شريڪ ٿيا، صُلح ۽ جنگ جي سڀني فيصلن ۾ پنهنجي حبيب، دلين جي طبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا وزير بڻجي زندگي جي هر واٽ تي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ڏئي جان نثاري ۽ وفاداري جو حق ادا ڪيو، 2 سال 7 مهينا

---

1...ذَوقِ نعت، صفحہ:76۔

مَسنَدِ خِلافت تي رونق اَفروز رهي 22 جُمادَی الأُخرٰي 13 ھ تي وفات ڪئي. پاڻ سبز سبز گنبد ۾ پنهنجي يار غار، رسولن جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پهلو مبارڪ ۾ آرام فرما آهن. (اِکْمَال، صفحہ:12، تاريخ الْخُلَفاء، صفحہ:18-19)

## ننڍپڻ جي ذهانت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ننڍپڻ ئي کان نهايت ذهين ۽ عقل مند هئا. سندن عمر مُبَارَڪ چار 4 سالن جي هئي، نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ اجان نبوت جو اعلان نہ ڪيو هو، دُنيا ۾ ڪفر و شرڪ عام هو، صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو والِد ابو قحافہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جيڪو ان وقت تائين ڪفر جي دلدل ۾ ڦاٿل هو، هڪ ڏينهن سندن والد حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي پنهنجي عبادت خاني وٺي ويو ۽ پٿر جي نهيل ڪوڙن خدائن اڳيان بيهاري چيو: پُٽ! هيءُ تنهنجا بلند وبالا خُدا آهن، انهن کي سجدو ڪر! (اَسْتَغْفِرُ الله! اَسْتَغْفِرُ الله!) اهو چئي حضرت ابو قحافہ هڪ پاسي هليا ويا ۽ ڪنهن ٻي ڪم ۾ مَصروف ٿي ويا. هاڻي صِرف صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ۽ سامهون پٿر جون مورتيون هيون، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ٿورو اڳتي وڌي، هڪ مورتي جي ويجهو وڃي چيو: اِنِّیْ جَائِعٌ فَاَطْعِمْنِی مان بکايل آهيان، مون کي کاڌو کارايو! اهي ٻي جان پٿر هئا، نہ انهن کي ڳالهائڻ آيو ٿي، نہ ئي ڳالهائي سگهيا. ايتري ۾ صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ٻيو سُوال ڪيو: اِنِّیْ عَارٍ فَاکْسِنِی مون وٽ ڪپڙا نہ آهن، مون کي ڪپڙا ڏيو! پٿر ڇا ڳالهائي؟ هاڻي حضرت صديق اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي جلال آيو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ پٿر کڻي چيو: مان پٿر هڻان ٿو، جيڪر خدا آهيو تہ پاڻ کي بچائي ڏيکاريو!

اللہ اَڪبَر! چار سالن جو ٻار! ان جي بازو ۾ ڪيتري طاقت هوندي؟ ڪيتري زور سان پٿر هڻي سگهندو؟ پر حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي بازو جي طاقت ڏسو! پاڻ مورتي کي پٿر هنيو، فَخَرَّ لِوَجْهِهٖ اها مورتي سندن بازو جي طاقت کي برداشت نہ ڪري سگهي ۽ منهن ڀر زمين تي ڪِري ٽڪر ٽڪر

ٿي وئي. ان جي ڪرڻ جو آواز ٻُڌي حضرت ابو قحافہ پڇندو آيو، پنهنجي باطِل خدا جو حال بي حال ڏٺو ته ڪاوڙ وچان حضرت ابو بڪر رَضِیَ اللہُ عَنۡہ کي هڪ ٿڦ هنئي ۽ ٻانهن مان پڪڙي گهر وٺي آيو، سندن امڙ کي چيائين: ڏس! اڄ تنهنجي لال هيءُ ڪارنامو ڪيو آهي. سندن والده محترمہ سڄو واقعو ٻڌي چيو: منهنجي پٽ کي ڇڏي ڏيو! ان جو ڪو قصور ناهي، جڏهن هي پيدا ٿيو هو ته غيب مان آواز آيو هو: يا اَمَةَ اللهِ عَلَى التَّحْقِيقِ اي الله پاڪ جي سچي ٻانهي، اِبْشِرِي بِالْوَلَدِ الْعَتِيقِ آزاد پٽ مبارڪ هجي! اِسْمُه فِي السَّمَاءِ الصِّدِّيق آسمان ۾ هن جو نالو صديق آهي، وَلِمُحَمَّدٍ صَاحِبٌ وَّرَفِيق ۽ هي مُحَمَّد صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو دوست آهي.

| | |
|---|---|
| يقينا مَنْبعِ خوفِ خدا صديقِ اکبر ہیں | حقیقی عاشقِ خَیْرُ الوَریٰ صدیقِ اکبر ہیں |
| جو یارِ غار محبوبِ خدا صدیقِ اکبر ہیں | وہی یارِ مزارِ مصطفےٰ صدیقِ اکبر ہیں |

اميرُ المُؤمِنِين حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡہ پاڻ اها حڪايت نور جي پيڪر، نبين جي تاجوَر صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي موجودگي ۾، صحابہ ڪرام علیہم الرِّضْوَان جي سامهون ٻُڌائي، جڏهن ٻڌائي مڪمل ڪئي ته حضرت جبريل امين عَلَیۡہِ السَّلَام حاضِر ٿي ٿي پيرا چيو: صَدَقَ اَبُو بَكرٍ ابو بڪر سچ چيو. صَدَقَ اَبُو بَكرٍ ابو بڪر سچ چيو. صَدَقَ اَبُو بَكرٍ ابو بڪر سچ چيو. (اِرْشادُ السَّاری، کتاب مناقب انصار، باب اسلام ابو بکر صدیق، جلد:7، صفحہ:63)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت کي سامهون رکي اندازو لڳايو! الله پاڪ امير المؤمنين حضرت صديقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہ کي ڪيتري ذهانت ۽ عقل مندي سان نوازيو هو، ڇئن سالن جي عمر ڪيتري عمر هوندي آهي...! عام طور هن عمر جي ٻارن کي ڇڳي طرح سان ماني کائڻ نه ايندي آهي، ڪيئي ٻار ته هن عمر ۾ بہ فِيڊر پيئڻ جا عادِي هوندا آهن، ڇئن سالن جي ٻار وٽ پنهنجي ذاتي ڪا سوچ ناهي هوندي، اهو پنهنجي آس پاس جي ماحول کي ڏسندو آهي، جيڪو ڏسندو آهي ان کي ذهن ۾ ويهاريندو آهي ۽ جيڪو ذهن ۾ ويهندو آهي

اهو ئي ڪندو آهي، ان جي سوچڻ جي، سمجهڻ جي، نتيجو ڪڍڻ جي قوت ڪمزور هوندي آهي، ان ڪري ته اهو والدين کي، استادن کي، پنهنجي پيڻ پائرن کي، گلي محلي جي ٻارن کي جيڪو ڪجهه ڪندي ڏسندو آهي اهو ئي ڪرڻ لڳندو آهي، نه ان کي صحيح جي سڃاڻپ هوندي آهي، نه غلط کي پرکي سگهندو آهي، پر حضرت صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جي ذهانت تي قربان وڃجي! الله پاڪ ڪين ڪيترو نوازيو هو، کهڙي اعليٰ نوراني طبيعت تي سندن کي پيدا فرمايو هو جو آس پاس جو سڄو ماحول ڪفر وشرڪ سان پرپور آهي، گهڻي پاڙي ۾ ايستائين جو ڪعبي شريف ۾ پٿر جا ڪوڙا خدا نصب آهن، والِد پاڻ وٺي وڃي ان ڪوڙن خُدائن اڳيان ٻيهاري ٿو ۽ حڪم ڏئي ٿو ته پٽ! اهي تنهنجا خُدا آهن، انهن کي سجدو ڪر. ان جي باوُجود جو اها ڳالهه جيڪا ان وقت جي وڏن وڏن سردارن کي سمجهه ۾ نه آئي، جن کي ماڻهو اَبُو الحَڪم (فيصلو ڪرڻ وارو، وڏو عقل مند) چئي پُڪاريندا آهن، انهن جو عقل جنهن حقيقت کي سمجهڻ کان قاصِر هو، صديقِ اَڪبَر رضی اللہ عنہ ٽئن سالن جي عمر ۾ ان ڳالهه کي سمجهي به رهيا آهن، ان جي خِلاف دليل به ڏئي رهيا آهن ۽ پٿر هٽي، ڪوڙن خدا کي اونڌو ڪيرائي، دليل سان ثابت به ڪري رهيا آهن ته اهي پٿر جا مجسما هر گز خُدا نٿا ٿي سگهن، خُدا سَمِيع ۽ بَصِير (ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارو) هوندو آهي، اهي ڏسن ٻڌن نٿا، خُدا ڪلام ڪري سگهي ٿو، اهي بي جان مجسما ڳالهائي نٿا سگهن، خُدا دِلين جا حال به ڄاڻي ٿو، انهن بتن کي پنهنجي حال جي به خبر ناهي، خُدا ٻانهن جون حاجتون پوريون ڪرڻ وارو آهي، اهي بت پاڻ ٻين جا محتاج آهن، خُدا حافِظ وناصِر هوندو آهي، اهي پاڻ پنهنجي به حفاظت نٿا ڪري سگهن، اهي ڀلا ڪيئن خُدا ٿي سگهن ٿا؟ حقيقي خدا ته اهو آهي جيڪو ٻُڌي ٿو، ڏسي ٿو، ۽ ڄاڻي ٿو، قدرت وارو آهي، سڄي دُنيا کي پالي ٿو، نه ان کي ننڊ اچي ٿي، نه ئي جهوٽُو اچي ٿي، سچو خدا ته اهو ئي رَبُّ العَالمين آهي.

## صديقِ اڪبر رضی اللہ عنہ جو ڪامل ايمان

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! خبر پئي ته حضرت صديقِ اَڪبَر رضی اللہ عنہ

نندپڻ ئي کان مؤمن ها. اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ٻہ صحابہ، هڪ حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻيو مولاءِ ڪائنات مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ اهي ٻئي عالَمِ اَرواح ۾ جڏهن تمام روحن الله پاڪ جي رَبّ هئڻ جو اِقرار ڪيو هو، ان وقت کان وٺي دُنيا ۾ پيدا ٿيڻ تائين، دُنيا ۾ پيدا ٿيڻ کان وٺي جواني تائين، جواني کان وٺي نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي اعلانِ نبوت فرمائڻ تائين، نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي اعلانِ نبوت کان وفات تائين، وفات کان هميشہ هميشہ تائين مسلمان ها، مسلمان آهن ڪڏهن، ڪنهن وقت، ڪنهن حال ۾ هڪ لمحي جي لاءِ بہ انهن ٻنهي جي پاڪ، طَيب دامنن کي ڪفر وشرڪ جي ناپاڪي نہ ڪڏهن لڳي، نہ قيامت تائين لڳندي. (فتاوى رضويہ، جلد:28، صفحہ:458 ملخصاً)

## صديقِ اڪبر جو ايمان سڀ کان اَفضَل آهي

هڪ ڏينهن مڪي مدني مصطفيٰ، مُحَمَّد رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جن حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ايمان جو درجو بيان ڪندي فرمايو: جيڪڏهن هڪ پلڙي ۾ ابو بڪر جو ايمان رکيو وڃي، ٻي پلڙي ۾ منهنجي سڄي اُمت جو ايمان رکيو وڃي، لَرَجَحَ بِهِمْ ابو بڪر جو ايمان سڄي اُمّت جي ايمان کان وڌي ويندو. (شُعَبُ الْاِيْمان، باب فِی زِيَادَةِ الْاِيْمان وَنُقْصَانِہٖ، جلد:1، صفحہ:69، حديث:36)

هڪ حديث شريف ۾ فرمايائون: ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي فضيلت ان ڪري ناهي جو اهي گهڻيون نمازون پڙهن ٿا، ان ڪري بہ ناهي تہ اهي گهڻا روزا رکن ٿا، وَلٰكِنْ بِشَیْءٍ وُقِرَ فِیْ قَلْبِهٖ بلڪ ان جي اها فضيلت اُن شيءِ جي ڪري آهي جيڪا ان جي دِل ۾ رکي وئي آهي. (بَحْرُ الفوائِد، باب فِی الْخُلَّةِ، صفحہ:442، حديث:462)

امام غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: اهو هڪ راز هو جيڪو حضرت صديق اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي دِل ۾ رکيو ويو هو، ان راز کي ڪو بہ نٿو ڄاڻي سگهي. (اِحْيَاءُ الْعُلُوم، ڪتاب العلم، جلد:1، صفحہ:39) صُوفي سڳورا فرمائن ٿا: انهيءَ راز جي بدولت حضرت صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان اهڙيون اهڙيون برڪتون ظاهر ٿيون، جيڪي ڪنهن ٻي صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان ظاهر نہ ٿيون. (سَبْع سَنَابِل مترجم، صفحہ:62) مثال طور

## صديقِ اَڪبَر سموري اُمّت کي بچائي ورتو

جڏهن الله جي نبي، مڪي مدني صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ دُنيا کان ظاهري پردو ڪيو، صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان تي قيامت اچي ٽٽي، ان جو جيئڻ مشڪل ٿي ويو، حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہ اهو عقل مند، ذهين ۽ عقلمند صحابي جن جي راءِ جي موافق قرآن لهندو هو، پاڻ بہ غمِ مصطفيٰ سان پريل هئا ۽ تلوار ڪڍي اهو اعلان ڪري رهيا هئا: خبردار! جنهن چيو تہ مُحَمَّد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ وصال فرمائي ويا آهن، ان جو ڪنڌ لاهي ڇڏيندس. (مَواهِبُ اللَّدُنْيہ، جلد3، صفحہ:389)

هيڏانهن صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان غَمِ مصطفيٰ ۾ ورتل هئا، هوڏانهن يهود ونصاريٰ، ڪافر ۽ مشرڪ خوش هئا، هاڻي اهي فريبي نگاهن سان مسلمانن کي ڏسي رهيا هئا ۽ منصوبا ٺاهي رهيا هئا تہ هن وقت مسلمان غمگين آهن، موقعو سٺو آهي، هاڻي مسلمانن جي پهريان جهڙي طاقت نہ رهندي، هاڻي انهن کي آساني سان شڪست ڏئي سگهجي ٿي. (سَبْعَ سَنَابِل مترجم، صفحہ:64)

اهڙي نازُڪ موقعي تي حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ عقلمندي سان ڪم ورتو، توڙي جو غم جو پهاڙ انهن تي بہ ٽٽل هو، پر پاڻ موقعي جي نزاڪت کي سمجهيو، پنهنجي جذبات کي قابو رکي سڄي اُمّت کي قدمن تي بيهارڻ، ڪافِرن جي سازشن کان بچائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي. حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي وِصَالِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي خبر ملي، پاڻ تشريف ڪٺي آيا، صحابہ ڪرام عليهم الرِّضْوَان غمگين هئا، حضرت صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہ صحابہ ڪرام عليهم الرِّضْوَان آڏو خطاب ڪندي فرمايو: توهان مان جيڪو مُحَمَّد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي عِبَادت ڪري ٿو، ان کي خُدا مڃي ٿو اهو ڄاڻي وٺي تہ مُحَمَّد صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي موت طاري ٿيو آهي، پاڻ دُنيا کان ظاهري پردو فرمايو آهي ۽ جيڪو الله جي عبادت ڪري ٿو، صِرف ان کي خدا مڃي ٿو تہ بيشڪ الله پاڪ حَي لَايمُوْت آهي، هو زِنده آهي، ان کي ڪڏهن، هڪ لمحي جي لاءِ بہ موت نہ ايندو. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ سيپاري: 4، سُورَةَ آلِ عِمرَان

جي آيت:144 تلاوت ڪئي:

| | |
|---|---|
| وَمَا مُحَمَّدٌ اِلَّا رَسُوۡلٌ ۚ قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِ الرُّسُلُ ؕ اَفَاۡئِنۡ مَّاتَ اَوۡ قُتِلَ انۡقَلَبۡتُمۡ عَلٰۤى اَعۡقَابِكُمۡ ؕ | ترجمو: ۽ محمد تہ هڪ رسول آهي ان کان اڳ رسول گذري چڪا آهن ڇا جيڪڏهن اهو انتقال فرمائي يا شهيد ٿي وڃي تہ اوهان پوئين پير ڦري ويندا. |

صحابہ فرمائن ٿا: صديقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ اها آيت تِلاوت ڪئي، اسان کي ايئن لڳو جيئن انهي آيت جي اسان کي خبر ئي نہ هئي، آيت ٻُڌندي ئي تمام صحابہ ان کي دُهرائڻ لڳا. حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ اها آيت ٻُڌي تہ پاڻ بيهوش ٿي زمين تي تشريف وٺي آيا ۽ جوش جي ڪيفيت جيڪا پاڻ تي طاري هئي، اها لهڻ شروع ٿي وئي ۽ سندن کي يقين ٿي ويو تہ واقعي رسولِ خدا، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ دُنيا مان پردو فرمائي چڪا آهن. (بخاری، كتابُ المغازی، بابُ مَرَضِ النَّبِيِّ وَوَفَاتِهٖ، صفحہ:1104، حديث:4454)

مير عبد الواحد بلگرامي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه تمام وڏا بزرگ ٿي گذريا آهن. اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان جي تمام گهڻي تعريف ڪندا هئا، اهي فرمائن ٿا: اهڙي نازُڪ وقت ۾ اُمّت کي سنڀالڻ، ڪافِرن جا منصوبا تباهہ و برباد ڪرڻ، اُمّت کي ڪِرڻ کان بچائي وٺڻ اهو سڀ انهيءَ راز جو ڪرشمو هو جيڪو اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہ جي سيني ۾ رکيو ويو هو. (سَبۡعْ سَنَابِل مترجم، صفحہ:65، ملخصاً)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُمّت جا مسئلا حل ڪندڙ

صِدّيقہ بنتِ صِدّيق، اُمّ المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ طيبہ، طاهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون: رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جڏهن وِصَال فرمايو، ان وقت جيترو غم

منهنجي والد حضرت صديق اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہ تي لٿو، ڪنهن جبل تي لهي ها ته جبل به ذرا ذرا ٿي وڃي ها پر منهنجو والد ثابت قدم رهيو، هن حال ۾ به صحابه ڪرام علیھم الرِّضْوَان کي جيڪا مشڪل پيش آئي، جنهن نڪتي تي اهي اٽڪيا، منهنجي والد محترم پنهنجي ڪمال ذهانت سان ان کي حل ڪيو. مثال طور (1): پهريون مسئلو جيڪو صحابه ڪرام علیھم الرِّضْوَان کي درپيش آيو، اهو هي هو ته محبوب، مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مزار ڪٿي بڻائي وڃي؟ حضرت صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہ ان جو حَل عطا ڪيو، فرمايائون: مون اللّٰه جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو: اللّٰه جو نبي جتي وفات ماڻي، انهيءَ هنڌ سندن مزار بڻائي ويندي آهي. ان ڪري حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو وصال عائشه صديقه رَضِي الله عنها جي ڪمري ۾ ٿيو آهي، لِهٰذا مزار مُبَارَڪ به اتي ئي بڻائي ويندي. (2): رسول اللّٰه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وِراثت جي معاملي ۾ مشڪل پيش آئي، حضرت صديق اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجي حافظي سان ان جو به حل ٻڌايو، فرمايائون: مون آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو: بيشڪ اسان جماعتِ انبياء جي ميراث ناهي هوندي، اسان جيڪو ڇڏيون اهو صدقو آهي. (ڪَنْزُ العمال، ڪتابُ الفضائِل، باب فضائلِ صحابه، حصّه:6، جلد:12، صفحه:220، حديث:35595)

## صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو پهريون جنگي فيصلو

حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي خليفي ٿيندي ئي وڏو مسئلو جيڪو پيش آيو، اهو حضرت اُسامه بن زيد رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي لشڪر جي روانگي جو مسئلو هو، آخري نبي، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حياتِ ظاهري ۾ آخري جنگي فيصلو اهو فرمايو ته حضرت اُسامه بن زيد رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي 700 مجاهدن جو لشڪر ڏئي ملڪ رُوم سان جنگ جي لاءِ موڪليو هو، اهو لشڪر اڃان رستي ئي ۾ هو ته نبي پاڪ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وِصَالِ ظاهري جي خبر ملي، تنهنڪري لشڪر واپس موٽي آيو. حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي وِصَال کان پوءِ اهي قبيلا جن جي دل ۾ ايمان پڪو نه هو يا جيڪي پهريان کان منافق ها ۽ پنهنجو نفاق لڪائي رکيو هو، انهن اِرتِداد جي راهه اختيار ڪندي ايمان کان ڦري ويا، اهڙي نازُڪ

صورتِ حال ۾ صحابہ ڪرام علیهم الرِّضْوَان اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي خدمت ۾ عرض ڪيو: حُضُور! ماڻهو اسلام کان ڦري رهيا آهن، اهڙي صُورت ۾ اُسامہ جي لشڪر کي جنگ جي لاءِ موڪلڻ مناسب ناهي، مدينہ منوره ۾ مجاهدن جي گهڻي ضرورت آهي. اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت صديق اَڪبَر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: جيڪڏهن دَرِندا ابو بڪر کي پيرن سان پڪڙي گِهلي ڪٽي وجن، تڏهن بہ مان رسول خدا، اَحْمد مجتبيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي موڪليل لشڪر کي هر گز نہ روڪيندس. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ لشڪرِ اُسامہ کي روم ڏانهن روانو ڪيو. اها سندن ڪمال ذهانت هئي، جنگي پاليسي جي اعتبار کان اعليٰ عقلمندي هئي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو اهو لشڪر جتان کان لنگهندو هو اتان جا ماڻهو سوچندا هئا: اسان تہ مسلمانن کي ڪمزور سمجهي رهيا هئاسين، جيڪڏهن اهڙي حالت ۾ بہ انهن جو لشڪر سرحد تي وڙهڻ جي لاءِ وڃي رهيو آهي تہ يقيناً مدينہ منوره ۾ ان کان بہ وڏو لشڪر موجود هوندو! پوءِ جڏهن حضرت اُسامہ بِن زيد رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ رُومي لشڪر کي شڪست ڏئي، جنگ کٽي واپس موٽيا تہ اِسلام کان ڦرڻ وارا ڪيئي ماڻهو ڊڄي ويا، انهن جي دِل ۾ اسلام جي هيبت ويهي وئي ۽ اهي پنهنجي اِرتِداد کان توبہ ڪري سچي دِل سان مسلمان ٿي ويا. (ڪَنز العمال،باب اَوّل، فی خِلَافَۃِ الخلفاء، حصّہ:3، جلد:5، صفحہ:241، حديث:14062)

اها اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت صديق اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي عقلمدي هئي، پاڻ سمجهي ويا تہ لشڪر کي روڪڻ پنهنجي ڪمزوري جو اعلان ڪرڻ واري ڳالهہ آهي، لشڪر کي لازمي موڪليو وڃي تہ جيئن ماڻهن کي خبر پئجي وڃي تہ مسلمان ڪالهہ بہ طاقتور هئا، مسلمان اڄ بہ طاقتور آهن، مسلمانن جي جان، مسلمانن جي آن، شان، رحمت عالميان صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ دُنيا کان پردو فرمائي ويا آهن پر سندن رَحمت ڀريو دامن هاڻي بہ مسلمانن تي ڇانوَ ڪيو بيٺو آهي.

## زڪوٰة جو انڪار ڪندڙن خلاف جهاد

چوٿون اهم مسئلو جيڪو حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي پيش آيو اهو زڪوٰة جو انڪار ڪندڙن جو هو. رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

جي دُنيا کان پردو فرمائڻ کان پوءِ ڪجھ قبيلن زڪوٰة جي فرضيت کان انڪار ڪندي چيو: زڪوٰة صِرف سرڪار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زِندگي مُبارَڪ ۾ فرض هئي، هاڻي زڪوٰة ڏيڻ ضروري ناهي، انهن زڪوٰة کي ٽيڪس شُمار ڪيو. اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت صديق اَڪبَر رَضِیَ اللهُ عَنْه پنهنجي ذهانت ۽ ديني بصيرت سان انهن جي خلاف جهاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو پر صحابہ ڪرام عليهم الرِّضْوَان کي هن فيصلي تي ڳڻتي هئي، حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْه سندن خدمت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: رسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن لَا اِلٰه اِلَّا الله چيو، ان پنهنجو مال ۽ جان محفوظ ڪري ورتو. هن فرمانِ مصطفيٰ جي هوندي، اوهان زڪوٰة جو انڪار ڪرڻ وارن کان ڪيئن ٿا جهاد ڪري سگهو، حالانڪ اهي "لَا اِلٰہ اِلَّا الله" پڙهن ٿا ۽ ان کي مڃن ٿا. اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت صديق اَڪبَر رَضِیَ اللهُ عَنْه جن فرمايو: جيڪو نماز ۽ زڪوٰة ۾ فرق ڪندو مان لازمي ان سان جهاد ڪندس، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه وڌيڪ ٻيون بہ ڳالهيون ارشاد فرمايون، حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: سندن خطاب ٻُڌي مون کي يقين ٿي ويو تہ الله پاڪ هن معاملي ۾ سندن سينو کولي ڇڏيو آهي. (مُسْلِم، ڪتابُ الْاِيْمان، صفحہ:33، حديث:32)

آخر حضرت صديق اَڪبَر رَضِیَ اللهُ عَنْه انهن جي خلاف جهاد ڪيو. حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: شروع ۾ اسان هن فيصلي کي ناپسند ڪيو هو، اسان سمجهندا هئاسين: اهو فيصلو دُرست ناهي، زڪوٰة جو انڪار ڪرڻ وارن خِلاف جهاد نہ ٿيڻ گهرجي، پر جڏهن ان جو نتيجو سامهون آيو، زڪوٰة جو انڪار ڪرڻ وارن توبہ ڪئي، شرعي قاعدي جي مطابق زڪوٰة ڏيڻ لڳا تہ اسان صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللهُ عَنْه جي ذهانت ۽ عقلمندي ۽ ديني بصيرت جي تعريف ڪئي. يقيناً حضرت صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللهُ عَنْه اهو فيصلو نہ ڪن ها تہ قيامت تائين جي لاءِ اسلام جو هڪ بنيادي رُڪن زڪوٰة فوت ٿي وڃي ها ۽ ماڻهو ان جا مُنڪر ٿي وڃن ها. حضرت ابو رَجاء رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مون ڏٺو: حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْه ان وقت اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت صديقِ اَڪبَر رَضِیَ اللهُ عَنْه جي پيشاني

چُمي فرمايو: لَوْ لَا اَنْتَ لَهَلَكْنا اي ابو بڪر! اوھان نہ ھجو ھا تہ اسان ھلاڪ ٿي وڃون ھا. (رِيَاضُ النَّضَرَة، صفحہ:127، حديث:296 -297)

## خليفو مقرر ڪرڻ ۾ ذھانت

اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت صديقِ اَڪبَر رضی اللہ عنہ آخري فيصلو جيڪو ڪيو اھو پاڻ کان پوءِ خليفو مقرر ڪرڻ جو فيصلہ ھو. پاڻ رضی اللہ عنہ جي زندگي جون آخري گھڙيون ھيون، صحابہ ڪرام علیھم الرِّضْوَان جي موجودگي ۾ پاڻ حضرت عثمانِ غني رضی اللہ عنہ کي فرمايائون: لکو! ”ھاڻي جڏھن ابو بڪر دُنيا مان وڃي رھيو آھي ۽ آخرت جي پھرين منزل جي ويجھو آھي، اھو ابو بڪر جو آخري فيصلو آھي. مان توھان تي عمر بن خطاب (رضی اللہ عنہ) کي خليفو بڻايان ٿو. ان جي ڳالھ ٻُڌو! ۽ ان جي پيروي ڪيو! جيڪڏھن اھي عدل وانصاف ڪن تہ مان ان کي ايئن ئي سڃاڻان ٿو. جيڪڏھن ڦري وڃن ۽ عدل وانصاف نہ ڪن تہ ھر شخص جي لاءِ اھو ئي آھي جيڪو اھو ڪمائيندو. (كَنْز العمال، باب اَوَّل، خِلَافَةُ الخلفاء، حصَّہ:5، جلد:3، صفحہ:269، حديث:14171)

حضرت عبد اللہ بن مسعود رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: دُنيا ۾ ٽي ماڻھو نھايت ذھين ۽ عقلمند گذريا آھن، انھن مان ھڪ اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت ابو بڪر صديق رضی اللہ عنہ آھن، پاڻ پنھنجي ذھانت ۽ عقلمندي سان حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ کي خليفو بڻايائون. (تفسير طَبَرِی، پاره:12، سورۂيوسف، تحت الآية:21، جلد:7، صفحہ:173، حديث:18959)

سندن ھن مُبَارَڪ فيصلي جو نتيجو سڄي دُنيا ڏٺو، سيني کي خبر آھي، ڪافِر بہ مڃن ٿا تہ حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ جھڙو خليفو ان کان پوءِ ڪونہ ٿيو، پاڻ رضی اللہ عنہ اللہ جي عطا سان، محبوب مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فيض سان سڄي دُنيا ۾ اسلام جو نالو روشن ڪيو، اسلام کي تمام دينن تي غالب ڪيو، مسلمانن کي ترقي جي بلندين تائين پھچايو، وڏن وڏن سُپر پاورن کي شڪست ڏني، ڪافِرن کي منھن ڀر ڪيرايو ۽ سڄي دُنيا ۾ ڪلمہءِ حق جي ڌوم مچائي ڇڏي.

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوھان! اَمِيرُ المُؤمِنِين حضرت صديق اَڪبَر رضی اللہ عنہ

ڪيترا ذهين ۽ عقل مند هئا. اسان کي بہ عقل مندي سان ڪم وٺڻ گهرجي.

## ”عقل مند مؤمن“ جون چار فضيلتون

(1):حضرت وَهب بِن مُنَبِّہ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: الله پاڪ ڪيئي انبياءِ ڪرام عليهمُ السَّلَام جي طرف وحي فرمائي: شيطان سَڀُ جاهلن کي ورغلائي ڇڏيندو آهي، انهن جي ڪلهن تي سوار ٿي جيڏانهن چاهي وني ويندو آهي پر هڪ عقل مند مسلمان کي ورغلائڻ شيطان جي لاءِ سخت مشڪل آهي. (2): وڌيڪ فرمائن ٿا: جبل کي ان جي جڳهہ تان هٽائڻ، جبل کي ذرا ذرا ڪرڻ شيطان جي لاءِ سَوَلو آهي پر عقل مند مؤمن کي ورغلائڻ ان جي لاءِ گهڻو مشڪل آهي. شيطان عقل مند مسلمان وٽ ايندو آهي، هزار حيلن بهانن سان ان کي ورغلائيندو آهي، نيڪ راهہ تان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر ڪامياب ناهي ٿيندو، آخر ٿڪجي چوندو آهي: هاءِ خرابي! مون کي ڇا ٿيو؟ مان ان کي ورغلائڻ جي طاقت ئي نٿو رکان! (3): بُزُرگ فرمائن ٿا: بہ شخص هڪ جهڙو عمل ڪن، مثال طور ٻئي نماز پڙهن، ٻئي صدقو ڏين، ٻئي نيڪي جي دعوت عام ڪن، ٻئي تِلاوَت ڪن، انهن مان هڪ وڌيڪ عقل مند هجي تہ ٻنهي جي عملن ۾ اوله اوپر جيترو فرق هوندو آهي. (اَخْبَارُ الْاَذْکِیَاء، باب اَوَّل، صفحہ:33) (4): مديني جي تاجدار، حبيبِ پروردگار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: حڪمت (يعني عقل مندي ۽ دانائي) عزت دار جي عزت ۾ اضافو ڪندي آهي ۽ غُلام کي بادشاهن جي درجي تائين پهچائي ڇڏيندي آهي. (کَنْزُ العمال، کِتَابُ العلم، باب اَوَّل، حصّہ:10، جلد:5، صفحہ:63، حديث:28738)

پيارا اسلامي ڀائرو! عقل مندي، ذهانت، حڪمت و دانائي الله پاڪ جي عطا آهي. الله جنهن کي چاهي، جيترو چاهي اها نعمت ڏيندو آهي. البت مختلف سبب اختيار ڪري اسان پنهنجي عقل، ذهانت، حڪمت ۽ دانائي ۾ اِضَافو بہ ڪري سگهون ٿا.

## حڪمت ۽ دانائي حاصِل ڪرڻ جا چار طريقا

(1): **عقل وڌائڻ جو پهريون طريقو**: گُناهہ ڇڏي ڏيو ۽ نيڪ ڪم ڪريو! سڀ ڪان

وڏيڪ عقل مند آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اِبنَ آدَمَ! اَطِعۡ رَبَّكَ تُسَمّٰى عَاقَلاً اي انسان! الله پاڪ جي اطاعت ڪر! تو کي عقل مند سڏيو ويندو. وَ لَا تُعۡصِ رَبَّكَ فَتُسَمّٰى جَاهلاً الله جي نافرماني نہ ڪر! نہ تہ توهان جو نالو "جاهل" رکيو ويندو. (مَطَالب العَالِيَہ، باب فضلِ الوَرْعَ والتقوىٰ، جلد:13، صفحہ:719، حديث:3308) الله جي حبيب، دلين جي طبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت ابو درداء رَضِیَ اللہُ عَنۡہ کي فرمايو: اي عُوَيمَر (عُوَيمَر حضرت ابودرداء رَضِیَ اللہُ عَنۡہ جو نالو آهي، ته فرمايائون: اي عُوَيمَر)! پنهنجي عقل وڌايو! توهان کي الله جو گهڻو قرب ملندو. عرض ڪيائين: حُضُور! مان عقل ڪيئن وڌايان؟ فرمايائون: الله کي ناراض ڪرڻ وارن ڪمن کان بچو! جيڪو ان توهان تي فرض ڪيو ان کي اَدا ڪريو! عقل مند ٿي ويندؤ. پوءِ نفلي نيڪيون ڪيو! توهان جي عقل ۾ اِضافو ٿي ويندو، توهان الله جي قريب ٿيندا ويندؤ ۽ دُنيا ۾ توهان کي غلبو ۽ عزت حاصِل ٿيندي. (نَوَادِرُ الْاُصُول، جلد:2، صفحہ:63)

(2): **عقل وڌائڻ جو ٻيو طريقو**: خود پسندي، خود راءِ کان بچو. مان گهڻو سنو آهيان، منهنجي راءِ سڀ کان اعليٰ آهي، منهنجو مشورو ڪامِل ۽ اڪمل آهي، مون کان سنو تہ ڪو سوچي ئي نٿو سگهي، اهڙو ذهن نہ ٺاهيو! عاجزي ڪريو! حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪئي، فرمايو: پُٽ! انسان جو عقل ڪامِل ناهي ٿيندو جيستائين ان ۾ 10 عادتون نہ اچي وڃن، پوءِ ڏهه عادتون بيان ڪندي فرمايائون: سڀ کان اعليٰ عادَت اها آهي تہ انسان تمام دُنيا وارن کي پاڻ کان سنو ۽ پاڻ کي سڀ کان بُرو سمجهي. (اَخۡبَارُ الاَذۡكِيَاء، باب رابع، صفحہ:41) الله جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هر انسان وٽ حڪمت ۽ دانائي هوندي آهي ۽ ان جي اها حڪمت هڪ ملائڪ جي هٿ ۾ آهي، جڏهن بانهو عاجزي ڪندو آهي، ملائڪ کي حڪم ٿيندو آهي: ان جي حڪمت وڌائي ڇڏيو! جڏهن بانهو تڪبر ڪندو آهي تہ حڪم ٿيندو آهي: ان جي حڪمت گهٽ ڪري ڇڏيو! ( مَجۡمَعُ الزَّوائِد، كتابُ الْاَدَب، بابُ التَّوَاضُع، جلد:8، صفحہ:102، حديث:13096)

ته اي **عاشقانِ رسول**! عاجزي ڪريو! خود پسندي کان بچو! خود پسندي وڏي کان وڏي عقل مند کي به انڌو ڪري ڇڏيندي آهي. فرعون کي ڏسو! ڪهڙو ماهر سياست دان هو، اڄ سياستدانن کي هڪ بِل پاس ڪرڻو هجي ته ڪيترن مرحلن کان گذرڻو پوندو آهي، ان بدبخت پاڻ کي خُدا سڏرايو، ان جي قوم ان کي خُدا مڃيندي هئي ۽ سجدو ڪندي هئي پر اهو بدبخت هو، حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام جي نيڪي جي دعوت بني اسرائيل جي ٻارن کي به سمجهه اچي رهي هئي، فرعون جي سمجهه ۾ ڪانه آئي، اهو جيڪڏهن عقلمندي کان ڪم وٺي ها، حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام جي ڳالهه مڃي وٺي ها ته دُنيا مان وڃڻو ئي هو، ان جي دُنيا به بهتر ٿئي ها، آخرت به سنورجي وڃي ها، ان جو ملڪ، ان جي حڪمراني باقي رهندڙ دُنيا تائين باعزت ٿي وڃي ها، ان جي نقشِ سيرت تي هلڻ جي حڪمرانن کي ترغيب ڏني وڃي ها پر ان بدانجام بيوقوفي جو مظاهرو ڪيو، حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام کي نه مڃيو، الله پاڪ ان کي دريا ۾ غرق ڪري ڇڏيو، نه ان جي حڪومت رهي، نه خدائي جي دعويٰ ڪم آئي، دنيا ۾ به ذليل ٿيو، آخرت به تباهه ٿي ۽ قيامت تائين جي لاءِ عبرت جو نشان به بڻجي ويو. آخر ڇو؟ حضرت موسيٰ عَلَيه السَّلام جي نيڪي جي دعوت ته بني اسرائيل جي ٻارن تائين کي به سمجهه آئي پئي، فرعون کي ڇو سمجهه نه آئي؟ الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ان جي وضاحت فرمائي، ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| زُيِّنَ لِفِرْعَوْنَ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ<br>(پاره:24، سورة المؤمن، آيت:37) | ترجمو ڪنز الايمان: فرعون جي نظر ۾ سندس برو ڪم ڀلو ڪري ڏيکاريو ويو. |

يعني شيطان وسوسا وجهي ان جي بُرن عملن کي ان جي نظر ۾ سنو ڪري ڏيکاريو، اهو پنهنجي بُرن ڪمن کي به سنو سمجهڻ لڳو، اهو خود پسندي ۽ خود راءِ جو شِڪار هو، ان جي بُري عقل جي مطابق ان جي راءِ، ان جا فيصلا، ان جي سوچ گهٽي سني هئي، خود پسندي ان جي عقل تي پردو رکي ڇڏيو هو،

ٻين جي ڳالھ ڪي، ٻين جي مشوري ڪي اهو خاطر ۾ ئي نہ آڻيندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! عبرت حاصِل ڪريو! خود پسندي کان بچو، اِنْ شَآءَ الله! عاجزي ايندي، مشورو ڪرڻ جو ذِهن بڻجندو، پنهنجي راءِ ڪي سنو سمجهڻ جي بدران، وڏيڪ غور وفڪر جي ضرورت محسوس ٿيندي ۽ نتيجي طور اوهان جو تجربو وڌي ويندو، عقل و ذهانت ۾ اِضافو ٿيندو ۽ اوهان جي ذات ۾ عقلمندي پيدا ٿيندي.

(3): **عقل وڌائڻ جو ٽيون طريقو**: غور و فڪر جي عادت وجهو! ڪو بہ ڪم بنا سوچي سمجهي ڪرڻ بدران، خوب غور و ويچار سان گڏ، هر پهلو کان سوچي ڪري، سمجهي ڪري، سمجهہ نہ اچي تہ ٻين کان مشورو ڪري ڪم ڪرڻ جي عادت بڻايو. حضرت ابراهيم بن اَدهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏي سوچ ويچار ڪندا هئا، اڪثر غور وفڪر ئي ۾ مصروف رهندا هئا، ڪنهن پڇا ڪئي: سائين! اوهان ايترو غور وفڪر ڇو ڪيو ٿا؟ فرمايائون: اَلْفِكْرُ مُخُّ الْعَقْلِ غور وفڪر ڪرڻ عقل جو مغز آهي. حضرت طاؤس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي، هڪ ڏينهن حضرت عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي ساٿين حضرت عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام کان پڇا ڪئي: اي رُوحُ الله! ڇا دُنيا ۾ ڪو آهي جيڪو سيرت ۾ اوهان جيان هجي؟ فرمايائون: ها! جنهن ۾ ٽي وَصف هجن، اهو سيرت ۾ مون جهڙو آهي. (اِحْيَاءُ العُلوم، ڪتابُ التفڪر، جلد:4، صفحہ:514):(1): مَنْ كَانَ مَنْطَقُه ذِكْراً ان جو ڳالهائڻ ذِڪر هجي. (2): وَصَمْتُه فِكْراً خاموش هجي تہ غور وفڪر ڪري. (3): وَنَظَرُه عِبْرَةً ان جي نظر ۾ عِبرت هجي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي ٽئي وَصف عقل وڌائڻ وارا آهن. **پهريون وَصف**: ان جو ڳالهائڻ ذِڪر هجي، يعني اَوَّل تہ اهو خاموش رهندو هجي جو خاموشي خود حڪمت آهي، الله جي پياري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: خاموشي حڪمت آهي پر خاموش رهڻ وارا تمام گهٽ آهن. (كَنْزُ العمال، كِتَابُ الاَخْلاق،

حصہ:3، جلد:2، صفحہ:141، حديث:6877) پوءِ اَوَّل تہ ٻانهو خاموش رهي، جيڪڏهن ڳالهائي تہ فضول ڳالھ وات مان نہ ڪڍي، بلڪ اهڙي ڳالھ ڪري جنهن ڪي شريعت جي نِگاهہ ۾ ”ذِڪر“ چئي سگهجي. ٻيو وصف: خاموشي ۾ غور وفڪر ڪري، يعني ان جو ڳالهائڻ بہ فضول نہ هجي، ان جو چپ رهڻ بہ فضول نہ هجي، ڪيترائي ماڻهو آهن، جيڪي چپ رهن ٿا، گهٽ ڳالهائڻ انهن جي عادت جو حصو هوندو آهي، ان جي باوُجود انهن کي حڪمت ناهي ملندي، ڇو؟ ان ڪري جو چپ تہ رهن ٿا پر غور وفڪر نٿا ڪن، يا غور وفڪر بہ ڪن ٿا تہ صِرف دُنيا لاءِ. هڪ شخص هو، جيڪو اڪيلو ئي روڊ ڪناري خاموش ويٺو هوندو هو، پڇيو ويو: ياءُ! هتي خاموش ڇو ويٺا آهيو؟ چيائين: روڊ تان خوب صُورت ڪارون گذرن ٿيون، انهن کي ڏسي خوش ٿيندو رهان ٿو ۽ سوچان ٿو: ڪڏهن الله مون کي بہ اهڙي ڪار ڏيندو. الامان والحفيظ! تہ پوءِ خاموشي بہ هجي، غور وفڪر بہ ۽ غور وفڪر بہ دُنيا جي باري ۾ نہ بلڪ آخرت جي معاملي ۾. امام داراني رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: آخرت جي مُعَامَلي غور وفڪر ڪرڻ حڪمت و دانائي کي وڌائي ٿو ۽ دِل کي زِنده ڪري ٿو. (حِليۃالْاَوْلياء، جلد:9، صفحہ:291) ٽيون وصف: ان جي نگاهہ ۾ عِبرت هجي، يعني جنهن شيءِ کي ڏسي، ان مان عبرت حاصِل ڪري. اها شيءِ بہ عقل کي وڌائي ٿي، ٻين جي تجربن کان سکڻ، پنهنجي غلطين کان تجربو حاصِل ڪرڻ، هن سان بہ عقل وڌندو، عقلمندي پيدا ٿيندي آهي.

(4):**<u>عقل ۽ دانائي وڌائڻ جو چوٿون طريقو</u>**: تجربہ ڪار، عقل مند ماڻهن جي صحبت اختيار ڪريو. اَفضَل ۽ اعليٰ رسول، رسول مقبول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن اهڙي شخص کي ڏسو جنهن کي دُنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت ڏني وئي آهي تہ ان جو قُرب حاصل ڪريو! بيشڪ اهڙي شخص کي حڪمت ۽ دانائي ڏني ويندي آهي. (اِبْنِ مَاجَہ، كِتَابُ الزُّہْد، صفحہ:667، حديث:4101) هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايو ويو: خوش خبري آهي ان جي لاءِ جيڪو فقيہ (يعني دين ۾ سمجھ رکڻ واري) ۽ حڪيم و دانا کان ملي، ان وٽ ڪثرت سان اچڻ وڃڻ رکي. (جَامِع صغير، صفحہ:327، حديث:5299)

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم "مدني مذاڪرو"

پيارا اسلامي ڀائرو! دورِ حاضِر جي عظيم علمي و رُوحاني شخصيت، جن کي الله پاڪ دُنيا کان بي رغبتي بہ عطا ڪئي، گهڻ ڳالهائڻ جي نعمت بہ ڏني، عِلمِ دين ۾ مهارت بہ بخشي، عقل مندي ۽ دانائي بہ عطا ڪئي، حڪمت سان بہ نوازيو، شيخ طريقت، رهبرِ شريعت، امير اهلسنت، **حضرت علامہ مولانا، ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه هن دور ۾ **الله** پاڪ جي عظيم نعمت آهن. دين ۽ دُنيا جي بهتري ماڻڻ، دِل ۾ عشق رسول جي شمع جلائڻ، گُنَاهن کان بچڻ، نيڪيون اپنائڻ، محتاط بڻجڻ ۽ دانائي وڌائڻ جي لاءِ انهن جي اعليٰ تجربات کان فائدو وٺو! **الحمد لله**! پاڻ هر ڇنڇر ۽ آچر جي درمياني رات مدني چينل تي براهِ راست (Live) مدني مذاڪرو فرمائن ٿا، جنهن ۾ سڄي دنيا کان عاشقانِ رسول ديني ۽ دنياوي مشڪلاتن جي حل جي لاءِ سندن بارگاهه ۾ سوال ڪن ٿا ۽ پاڻ عِلم وحڪمت سان ڀرپور جواب ڏين ٿا. اوهان بہ هر هفتي مسلسل مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي عادت بڻايو! ان شآء الله! پاڻ ئي ان جون برڪتون ڏسي وٺندؤ.

## روزانو مدني مذاڪرو ٻڌڻ جي برڪت

حيدر آباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو مريد تہ ننڍپڻ ئي کان هيس، پر شيطان مون کي دُنيا ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو، منهنجي قيمتي زندگي غفلت ۾ گذري رهي هئي، خوش قسمتي سان هڪ ڏينهن هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي سان ملاقات ٿي، ان ٻڌايو: جيڪو امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جا بيان ٻڌي، پاڻ ان سان خوش ٿين ٿا. اسلامي ڀاءُ جو اهو جملو منهنجي دِل تي لڳو ۽ دِل ۾ مرشِدِ جي محبت جاڳي پئي، مون مڪتبة المدينہ تان 50 مدني مذاڪرن تي مشتمل V.C.D خريد ڪئي ۽ رَوزانو هڪ مدني مذاڪرو ٻڌڻ لڳس. امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي پُرتاثير گفتگو جي برڪت سان گُنَاهن کان نفرت ٿيڻ لڳي ۽ نيڪين جي محبت دِل ۾ وڌڻ شروع ٿي، اجان ڪجھ ئي مدني مذاڪرا ٻُڌا هئا جو منهنجي حليي، منهنجي ڪردار ۽

اندازِ زندگي ۾ تبديلي اچڻ لڳي، مون کي سنتن تي عمل جو جذبو مليو ۽ الحمد للهِ! نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ، سنتن کي هر هڪ تائين پهچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ به دلچسپي وٺڻ لڳس. الحمد للهِ! مدني مذاڪري جي ذريعي منهنجي اهڙي تربيت ٿي جو 26 سالہ زندگي ۾ ڪڏهن نہ ٿي هئي. (اجنبی کا تحفہ، صفحہ:28، خُلاصۃً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنْشاھ نُبُوت صَلَّي اللهُ تَعَالي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## شڪر ڪرڻ سُنت آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): ٻانهي جي هر گرھ ۽ هر ڍُڪ تي الله ڪريم جو شڪر ڪرڻ الله پاڪ کي پسند آهي. (مُسْلِم، كتابُ الذِّكْر و الدُّعَا، صفحہ:1122، حديث:6932) (2): پنهنجون زبانون ذِڪر سان ۽ دِل شڪر سان تَر رکو!. (شُعَبُ الْاِيْمَان، باب: محبۃُ الله، جلد:1، صفحہ:419، حديث:590، ملتقطاً)

اي عاشقانِ رسول! شُڪر ڪرڻ سُنّت آهي. ❖ الله جا آخري نبي، رسولِ هاشِمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان شڪر ڪندا هئا ❖ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن ناشڪري نہ ڪئي ❖ شڪر اعليٰ عبادت آهي ❖ شڪر ڪرڻ سان نعمت ۾ اضافو ٿيندو آهي ❖ "ٻانهي کي نعمت ملي، ٻانهو شڪر ڪري، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ الله! ٻانهو عذاب کان محفوظ رهندو." (صِرَاطُ الجنان، جلد:4، صفحہ:406، خُلاصۃً)

**شڪر ڪرڻ جو طريقو:** ❖ حضرت ابو بڪر شبلي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: **نعمت ڪي ڏسڻ بدران. نعمت ڏيڻ واري تي نظر رکڻ شڪر آهي.** (اِحْيَاءُ العلوم، كتابُ الصَّبْر والشكر، جلد:4، صفحہ:103، خلاصۃً) مثال طور اوهان ڪي سيلري ملي، اها به نعمت آهي، امتحان ۾ پاس ٿيا، پٽ يا ڌيءِ جي ولادت ٿي، نماز جي توفيق ملي، روزو رکڻ جي سعادت ملي، صدقو ڏنو وغيره ڪا به نعمت ملي ته هاڻي ان نعمت تي نگاهه نه رکو بلڪ سوچيو: الله اها نعمت عطا ڪئي، نعمت جي نسبت پنهنجي طرف نه، الله پاڪ ڏانهن ڪريو. ❖ امام غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: **نعمت سان نيڪي جو ارادو ڪرڻ دِل جو شڪر آهي.** زبان سان الله پاڪ جي حمد وثنا ڪرڻ **زبان جو شڪر آهي.** الله ڪريم جي ڏنل نعمت ڪي عِبَادت ۾ خرچ ڪرڻ، ان ڪي گُنَاهه ۾ استعمال ٿيڻ کان بچائڻ **باقِي عضوئن جو شڪر آهي.** (اِحْيَاءُ العلوم، كتابُ الصَّبْر والشكر، جلد:4، صفحہ:103، خلاصۃً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

[1] ...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## (2) سمورا گُناهه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِ نَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَیِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم ڪي

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[1]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[3]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا ڪي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر ڪي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]…القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]… الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305